(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شماره

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

فيبروري 2026/ رمضان المبارڪ1447



- اسلامي مُعاشروئي اسلامي معاشرو آهي
- آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اشڪباري
- روزو تقوا جي تربيت جو عملي موقعو
- حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي بادشاهت
- احڪامِ تجارت







# حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام سلطاني تخت تي (قسط: 05)

مولانا ابو عبيد عطاري مدني

## حضرت يوسف عليه السّلام سلطاني تخت تي

پوءِ حضرت يوسف عليه السّلام بادشاهه سان گڏ رهڻ لڳا. لڳ ڀڳ هڪ سال گذرڻ کان پوءِ بادشاهه ملڪ جا سمورا معاملا، تاج ۽ تخت ۽ خزانا ڪين سپرد ڪيا ويا، پاڻ ملڪ کي خوشحاليءَ جي راهه تي گامزن ڪري ڇڏيو ۽ عدل و انصاف سان پري ڇڏيو.(i) حضرت يوسف عليه السّلام ڏڪار وارن ڏينهن لاءِ اناج جا ذخيرا جمع ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي، ان مقصد لاءِ تمام وڏا ۽ شاندار گودام تعمير ڪرايا ۽ تمام گهڻو اناج گڏ ڪيو.

## ڏڪارواري زماني جي شروعات

جڏهن خوشحاليءَ جا سال گذري ويا ۽ ڏڪار جو وقت آيو ته پاڻ عليه السّلام بادشاهه ۽ سندس خادمن لاءِ ڏينهن ۾ صرف هڪ وقت جي ماني مقرر ڪئي. هڪ ڏينهن منهجند جو بادشاهه حضرت يوسف عليه السّلام وٽ بک جي شڪايت ڪئي ته پاڻ فرمايائون: هي ڏڪار جي شروعات جو وقت آهي. پهرين سال ۾ ماڻهن وٽ جيڪي ذخيرا هئا، سي ختم ٿي ويا ۽ بازارون خالي ٿي ويون.

## حضرت يوسف عليه السّلام جي عظمت

مصر جا رهواسي حضرت يوسف عليه السّلام کان پنهنجي درهمن ۽ دينارن جي بدلي اناج خريد ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح سندن سڀ درهم ۽ دينار حضرت يوسف عليه السّلام وٽ اچي ويا. ٻئي سال مصري ماڻهن زيورن ۽ هيرن موتين جي بدلي اناج جي خريداري ڪئي، ائين سندن سڀ زيور ۽ جواهر حضرت يوسف عليه السّلام وٽ گڏ ٿي ويا. جڏهن ماڻهن وٽ زيورن ۽ جواهرن مان ڪا شيءِ نه رهي ته ٽئين سال هنن چوپايا ۽ جانور ڏئي اناج ورتو، اهڙي طرح سڄي ملڪ ۾ ڪو به شخص ڪنهن جانور جو مالڪ نه رهيو. چوٿين سال هنن ان جي بدلي پنهنجا سمورا غلام ۽ ٻانهيون وڪڻي ڇڏيون. پنجين سال پنهنجون سموريون زمينون، عملو ۽ جاگيرون وڪڻي حضرت يوسف عليه السّلام کان اناج خريد ڪيائون، ائين اهي سڀ شيون حضرت يوسف عليه السّلام جي تحويل ۾ اچي ويون.

ڇهين سال جڏهن وٽن ڪا به شيءِ باقي نه بچي ته هنن پنهنجا ٻار وڪڻي اناج ورتو ۽ پنهنجو وقت گذاريو. ستين سال

اهي ماڻهو پاڻ وڪامجي ويا ۽ غلام بڻجي ويا، اهڙي طرح مصر ۾ ڪو بہ آزاد مرد يا عورت باقي نہ رهيو: جيڪو مرد هو سو حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ جو غلام هو ۽ جيڪا عورت هئي سا پاڻ عَلَيهِ السَّلامُ جي ٻانهي هئي.

ان وقت ماڻهن جي زبان تي اهو هو تہ حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ جهڙي عظمت ۽ جلال ڪڏهن ڪنهن بادشاهہ کي نصيب نہ ٿيو. حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ بادشاهہ کي فرمايو: تو ڏٺو تہ الله تعاليٰ مون تي ڪيڏو ڪرم ڪيو آهي ۽ ڪيڏو عظيم احسان فرمايو آهي؟ هاڻي انهن ماڻهن بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ بادشاهہ عرض ڪيو: جيڪا اوهان جي راءِ آهي، اها اسان کي قبول آهي، اسان سڀ اوهان جي تابع آهيون. حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ فرمايو: مان الله پاڪ کي شاهد بڻايان ٿو ۽ توکي بہ گواهہ بڻايان ٿو تہ مان سمورن مصرين کي آزاد ڪيو ۽ سندن سموريون ملڪيتون ۽ جاگيرون واپس ڪيون.

## پيٽ ڀري نہ کاڌائون

ان ڏڪار واري زماني ۾ حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ ڪڏهن بہ پيٽ ڀري ماني نہ کاڌي. هڪ ڀيري ڪين عرض ڪيو ويو تہ ايڏن عظيم خزانن جا مالڪ هئڻ باوجود اوهان بکايل رهو ٿا؟ پاڻ فرمايائون: مان ان خوف کان بکيو رهندو آهيان تہ متان پيٽ ڀرڻ کان پوءِ بکايلن کي وساري نہ ويهان. سبحان الله! ڪهڙا نہ پاڪيزہ اخلاق آهن. مفسرين فرمائن ٿا تہ مصر جي سمورن مردن ۽ عورتن کي حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ جا خريد ڪيل غلام ۽ ٻانهيون بڻائڻ ۾ الله پاڪ جي اها حڪمت هئي تہ جيئن ڪنهن کي اهو چوڻ جو موقعو نہ ملي تہ حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ غلام جي حيثيت ۾ آيو هو ۽ مصر جي هڪ شخص جو خريد ڪيل هو، پر سڀ مصري سندس خريد ڪيل ۽ آزاد ڪيل غلام هجن. حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ جيڪو ان حال ۾ صبر ڪيو هو، اها ان جي جزا هئي. (ii)

## ڀائرن جي مصر ۾ آمد

آهستي آهستي ڏڪار جا اثر ڪنعان تائين بہ پهچي ويا، حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلامُ جي اجازت سان سندن پٽ اناج خريد ڪرڻ لاءِ (مصر) آيا. (iii)

حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ پنهنجي ڀائرن کي سڃاڻي ورتو پر ڀائر ڪين سڃاڻي نہ سگهيا، ڇو تہ کوهہ ۾ اڇلائڻ کان وٺي هينئر تائين 40 سالن جو ڊگهو عرصو گذري چڪو هو. (iv) حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلامُ هڪ تدبير سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ بنيامين کي پاڻ وٽ روڪي ورتو. (v)

## حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلامُ جو ڏک ۽ غم

هڪ ڀاءُ مصر ۾ رهجي ويو ۽ باقي ڀائر واپس ڪنعان موٽي آيا. حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلامُ

بنيامين جي خبر ٻڌي پنهنجي پٽن کان منهن ڦيري ورتو ۽ فرمايائون: هاءِ افسوس! يوسف جي جدائيءَ تي. ان وقت حضرت يعقوب عليه السلام جو غم ۽ الم انتها تي پهچي چڪو هو. جڏهن پٽن وضاحت پيش ڪئي ته فرمايائون: منهنجي پريشاني ۽ غم گهٽ هجي يا وڌ، مان ان جو فرياد توهان سان يا ڪنهن ٻئي سان نه، پر صرف الله پاڪ سان ڪريان ٿو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۽ احسان سان مونکي اتان آساني عطا فرمائيندو، جتان منهنجو گمان به نه هوندو. (vi)

## مسڪينن کي کاڌو کارايو

سيدِ عالم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: هڪ ڀيري حضرت يعقوب عليه السلام ڪنهن جي اڳيان هيئن فرمايو: حضرت يوسف لاءِ روئڻ سبب منهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي. حضرت جبرائيل عليه السلام حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: "الله پاڪ اوهان کي سلام موڪليو آهي ۽ فرمايو اٿس ته مون ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي وٽ شڪايت چو ٿا ڪريو؟ پاڻ فرمايو: مان الله سان ئي پنهنجي رنج ۽ غم جو فرياد ڪريان ٿو. پوءِ پاڻ هيئن دعا ڪئي: اي منهنجا رب! ڇا تون هن پوڙهي تي رحم نه ڪندين؟ منهنجي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي، چيلهه جُهڪي پئي آهي، منهنجي ٻن گلن (حضرت يوسف ۽ بنيامين) کي مون سان ملائي ڇڏ ته جيئن مان مرڻ کان پهريان انهن جي خوشبو سنگهي سگهان. حضرت جبرائيل عليه السلام ٻيهر حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: الله ڪريم اوهان کي سلام موڪلي ٿو ۽ فرمائي ٿو: (هي ٻئي اوهان سان ضرور ملندا) جيڪڏهن اهي مري به ويا هجن ها ته مان کين اوهان لاءِ ٻيهر زنده ڪريان ها. اوهان مسڪينن کي ماني کارايو، بيشڪ منهنجي ٻانهن ۾ مونکي سڀ کان وڌيڪ محبوب انبياءِ ڪرام ۽ مسڪين آهن، هڪ ڀيري سندن هڪ ٻڪري ذبح ڪئي هئي ته هڪ غريب يتيم ۽ روزيدار وٽن آيو هو پر پاڻ ان ٻڪريءَ مان ڪيس ڪجهه به نه ڏنو هو. ان کان پوءِ حضرت يعقوب عليه السلام جڏهن به ناشتو ڪندا هئا ته هڪ شخص اهو اعلان ڪندو هو ته جيڪو غريب ناشتو ڪرڻ چاهي ٿو، اهو حضرت يعقوب عليه السلام سان گڏ ناشتو ڪري وٺي، ۽ جنهن ڏينهن پاڻ روزو رکندا هئا ته اهو اعلان ڪرائيندا هئا ته جيڪو غريب روزيدار آهي، اهو يعقوب عليه السلام سان گڏ روزو افطار ڪري وٺي. (vii)

## الله جي رحمت کان مايوس نه ٿيڻ

هڪ ڀيري ملڪ الموت حضرت عزرائيل عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ پڇيو: تون ڪير آهين؟ ۽ هن گهر ۾ ڪيئن داخل ٿيو آهين؟ ملڪ

الموت عرض ڪيو: مان اهو آهيان جيڪو اولاد کي يتيم ڪري ڇڏيندو آهيان، عورتن کي بيواهہ ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ ماڻهن کي هڪٻئي کان جدا ڪري ڇڏيندو آهيان. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: پوءِ تہ تون حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام آهين. عرض ڪيائين: جي ها! پاڻ فرمايائون: مونکي ٻڌاءِ تہ تون جڏهن ماڻهن جا روح قبض ڪندو آهين تہ سڀ گڏ ڪندو آهين يا ڌار ڌار؟ [viii] عرض ڪيائين: مان هڪ هڪ روح قبض ڪندو آهيان. پڇيائون: ڇا منهنجي يوسف جو روح بہ تو قبض ڪيو آهي؟ عرض ڪيائين: جي نہ! پڇيائون: مون سان ملڻ آيو آهين يا روح قبض ڪرڻ؟ عرض ڪيائين: صرف سلام عرض ڪرڻ حاضر ٿيو آهيان، الله اوهان جو روح ان وقت تائين قبض نہ فرمائيندو، جيستائين اوهان پنهنجي پٽ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان ملي نہ ٿا وٺو. هي ٻڌي جڏهن حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي پٽن کي فرمايو: اي منهنجا پٽؤ! وڃو ۽ يوسف ۽ سندس ڀاءُ کي ڳوليو، [ix]

تہ پٽن چيو: اسان بنيامين جي معاملي ۾ ڪوشش ڪرڻ تہ نہ ڇڏينداسين پر حضرت يوسف چو تہ هاڻي زنده ناهي، ان ڪري اسان ڪيس نہ ڳولينداسين. حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: الله پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو، بيشڪ الله جي رحمت کان صرف ڪافر ئي نااميد ٿيندا آهن. [x]

---

(i)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی،ص 125ملخصاً
(ii)صراط الجنان، 19/5، 20 بتغير
(iii)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی،ص 126
(iv)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی، ص 127
(v)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی،ص 132ملخصاً
(vi)صراط الجنان، 50/5بتغير
(vii)شعب الايمان، 230/3، حديث:3403 ملخصاً
(viii)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی،ص133
(ix)تاريخ الانبياء للخطيب البغدادی،ص 134
(x)صرط الجنان، 51/5بتغير



ٻارن لاءِ پياري حديث

# برڪت وارو مهينو

## مولانا محمد جاويد عطاري مدني

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

اَتَاكُمْ رَمَضَانُ شَهْرٌ مُبَارَكٌ فَرَضَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ عَلَيْكُمْ صِيَامَهٗ

يعني اوهان وٽ رمضان جو مهينو اچي ويو آهي، جيڪو برڪت وارو مهينو آهي. الله پاڪ هن مهيني جا روزا اوهان تي فرض ڪيا آهن.

(نسائی، ص355، حديث: 2103)

پيارا ٻارؤ! هن حديثِ پاڪ ۾ ماهِ رمضان کي برڪت وارو چيو ويو آهي، ته پوءِ هي مهينو برڪت وارو ڪيئن آهي؟ اچو ته پڙهون:

رمضانُ الڪريم الله پاڪ جو تمام پيارو ۽ مقدس مهينو آهي. هن مهيني ۾ الله پاڪ پنهنجن ٻانهن تي خاص رحمت فرمائيندو آهي. هي مهينن ۾ سيني کان افضل آهي. هن مهيني ۾ نيڪين جو اجر وڌي ويندو آهي. هر ڏينهن ۽ رات ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي جهنم کان آزادي ڏني ويندي آهي. روزيدارن جون دعائون قبول ٿينديون آهن، خاص طور تي افطاريءَ جي وقت. جنت جا دروازا کلي ويندا آهن ۽ جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. شيطان کي قيد ڪيو ويندو آهي ته جيئن هو مسلمانن کي گمراهه نه ڪري سگهي. انهيءَ ئي مبارڪ مهيني ۾ شبِ قدر به آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. هيءَ فضيلت ماهِ رمضان کي ٻين مهينن کان ممتاز بڻائي ٿي.

حديث جي ٻئي حصي ۾ رمضان جي روزن متعلق بيان ٿيو ته الله پاڪ مسلمانن تي ان جا روزا فرض فرمايا آهن، جيئن ته الله پاڪ جو فرمان آهي:

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ(۱۸۳)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا ته جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.

(سيپارو: 2، البقره: 183)

اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن مان هڪ روزو به آهي. روزو رکڻ جا ڪيترائي ديني ۽ دنياوي فائدا آهن. روزو رکڻ وارن ٻارن مان والدين ۽ سڀ ماڻهو خوش ٿيندا آهن، اهڙن ٻارن کي سڀ سٺو ٻار چوندا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته اهڙن ٻارن کان الله پاڪ راضي ٿيندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن کين انعام و اڪرام سان نوازيندو.

سنا ٻارؤ! اوهان ٻہ روزا رکڻ جي عادت
ٻڌايو تہ جيئن وڏا ٿي روزا رکڻ مشڪل نہ
لڳن، ڇو تہ بالغ ٻارن تي روزا رکڻ فرض
آهي، اهو الله پاڪ جو حڪم آهي جيڪو
مٿي ڏنل آيت ۾ بيان ٿيو.

روزو رکڻ بلڪل آسان ڪم آهي. ڏينهن ۾
ٿوري گهڻي بک ۽ اُڃ برداشت ڪندؤ تہ ان
تي تمام گهڻو ثواب ملندو. هڪ ٻہ ڏينهن
روزو رکندؤ تہ عادت بڻجي ويندي.

اڇو ٻارؤ! هن رمضان جي مهيني ڪي هڪ
الڳ انداز سان ملهايون، ان ۾ روزا رکون،
عبادت ڪريون ۽ خوب الله پاڪ جون
رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪريون.

الله پاڪ اسان کي روزا رکڻ ۽ خوب
عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عليه وآله وسلم

# ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا

## ماهوار فيضانِ مدينہ فيبروري 2026

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماڻهو پنهنجي ٻار کي پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري ڪيس گهرجي تہ ان جو نالو سٺو رکي. (جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث : 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين لاءِ 6 نالا، انهن جون معنائون ۽ نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

### ٻارن (ڇوڪرن) جا 3 نالا

| نالو | سڏڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | برهان | اهڙي دليل جنهن ۾ شڪ ۽ شبهو نہ هجي | رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| محمد | علي | بُلند | مسلمانن جي چوٿين خليفي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مبارڪ نالو |
| محمد | اشرف | تمام گهڻو شريف | صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مبارڪ نالو |

### ٻارڙين (ڇوڪرين) جا 3 نالا

| | نالو | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| | فاطمہ | جهنم جي باهہ کان ڇڏرائڻ واري | رسولُ الله جي شهزادي رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو مبارڪ نالو |
| | نفيسہ | پاڪ صاف | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو مبارڪ نالو |
| | ماجده | تعظيم جي قابل | هن بزرگ خاتون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو مبارڪ نالو |

(جن وٽ پٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿئي، اهي چاهين تہ انهن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو بہ هڪ نالو رکي سگهن ٿا.)

# پنهنجي بزرگن کي ياد رکو

رڪنِ شوريٰ مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني







رمضانُ المبارڪ اسلامي سال جو نائون مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابهٴ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس مبارڪ آهي، انهن مان 118 جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جي رمضانُ المبارڪ 1438ھ کان 1446ھ تائين جي شُمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 12 بزرگن جو تعارف ملاحظ فرمائيندا:

## صحابہِ ڪرام رضی اللہ عنہم

(1) حضرت عَوف، حضرت مُعَوِّذ ۽ حضرت مُعاذ بن حارث خَزرَجي انصاري رضی اللہ عنہم: هي ٽئي ڀائرَ بنو نجار قبيلي سان تعلق رکندا هئا ۽ پنهنجي والده جي نسبت سان ابنِ عَفراء جي نالي سان مشهور هئا. 17 رمضانُ المبارڪ 2 هجريءَ تي ٿيندڙ غزوهٴ بدر ۾ حضرت عوف رضی اللہ عنہ الله پاڪ جي پسنديده حالت موجب پنهنجي زره لاهي، متي اگهاڙو تي ڪري وڏي بهادريءَ سان جهاد ڪيو ۽ شهيد ٿي ويا. (i)

(2) حضرت مُعَوِّذ بن حارث انصاري رضی اللہ عنہ: پاڻ غزوهٴ بدر ۾ پنهنجي ڀاءُ حضرت معاذ سان گڏجي دشمنِ اسلام ابوجهل تي اهڙي تيزيءَ سان حملو ڪيو جو ان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پاڻ بہ وڏي مڙسيءَ سان وڙهندي شهادت جي مرتبي تي فائز ٿيا. (ii)

(3) حضرت يزيد بن حارث انصاري رضی اللہ عنہ: پاڻ غزوهٴ بدر جي موقعي تي هٽ ۾ موجود کجورون اڇلائي جهاد ۾ شريڪ ٿيا ۽ وڙهندي وڙهندي جامِ شهادت نوش فرمائي ويا. (iii)

## اولياءِ ڪرام رحمہم اللہ

(4) حضرت شيخ عبدالله رضا ثاني حسني رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ عبادت جي ڪثرت، زهد ۽ اڪيلائي (خلوت نشيني) ۾ مشهور هئا. پاڻ عالم، صالح، شاعر ۽ حديث جا راوي هئا، ۽ نيڪي جي دعوت ڪثرت سان ڏيندا هئا. سندن پيدائش بصره ۾ 150ھ کان بعد ٿي ۽ 15 رمضان 247ھ تي مڪي شريف ۾ وصال فرمايائون. (iv)

(5) **حضرت بابا ميران شاهہ سيد احمد محمدي** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ بيجاپور، رياست ڪرناٽڪ، هندستان ۾ پيدا ٿيا. دهليءَ ۾ اسلامي علوم ۽ فنون ۾ مهارت حاصل ڪري دورِ جهانگيريءَ ۾ قاضي القضاة مقرر ٿيا، ڪجهہ عرصي کان پوءِ تعظيمي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪري اجمير شريف، بغداد شريف ۽ مديني پاڪ ۾ مجاهدات ۾ مصروف ٿي ويا. مستقل قيام پيره شريف (ضلع سرگوده) ۾ فرمايائون. وصال 18 رمضان 1092هہ تي ٿيو، سندن مزار اڄ بہ مرجع خلائق آهي. (v)

(6) **پوري ميان خواجہ ڪمال الدين خان مجددي رامپوري** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ مشهور وليُ الله حضرت شاهہ درگاهي مجددي رامپوري جا مريد ۽ خليفا هئا. ڏينهن رات ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريندا هئا. سندن وصال 4 رمضان 1284هہ تي ٿيو. پل پختہ رامپور پاڙي ۾ تدفين ڪئي وئي، جتي ڪجهہ عرصي بعد گنبد واري مزار تعمير ٿي. (vi)

(7) **حضرت خواجہ شاهہ محمد امام علي چشتي قادري** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ سلطانُ التارڪين صوفي حميد الدين ناگوري جي خاندان ۾ پيدا ٿيا. ۽ وصال 10 رمضان 1286هہ تي ٿيو، مزار جهنجهڻو (Jhunjhunu) راجستان، هندستان ۾ آهي. پاڻ خواجہ عبدالله غلام بيک ڪوڙهائي چشتي جا مريد و خليفا ۽ خواجہ عبدالغفور آخوند قادري جا خليفا هئا. پاڻ ڪثيرُ الفيض بزرگ هئا. (vii)

(8) **روحاني بزرگ خواجہ پير سائين محمد رڪن الدين نقشبندي قادري** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ 1930ع جي لڳ ڀڳ ڪشمير جي هڪ مذهبي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا. ڪجهہ عرصو ملازمت ڪرڻ کان پوءِ ذڪر، فڪر ۽ مجاهدات ۾ مصروف ٿي ويا. پير سيد حيدر شاهہ قلندر پاڪ شريف ضلع ڪوٽلي کان بيعت ۽ خلافت حاصل ڪيائون. پاڻ تقريبن 34 مسجدون ۽ مدرسا قائم ڪيا. وصال 11 رمضان 1421هہ تي فرمايائون. مزار رڪن آباد شريف، سيڪٽر ايف ون، ميرپور ڪشمير ۾ آهي. (viii)

## علماءِ اسلام رحمهم الله

(9) **شيخ الحنفيہ حضرت امام ابو عبدالله محمد بن احمد ڪبير بخاري حنفي** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ ماوراءُ النهر جا رهواسي هئا. پنهنجي والدِ گرامي علامہ ابو حفص ڪبير کان تعليم حاصل ڪيائون ۽ عالمِ ماوراءُ النهر جي درجي تي فائز ٿيا. پاڻ ثقہ عالمِ دين، امام، زهد و تقويٰ جا جامع ۽ قرآن و سنت جا پابند هئا، ڪيترن ئي عالمن ڪائن فيض حاصل ڪيو. وصال رمضان 264هہ ۾ ٿيو. (ix)

(10) **حضرت امام عبيدُالله بن يحيٰ ليثي مالڪي اندلسي** رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ اندلس جي هڪ علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا. پنهنجي والد کان اسلامي علوم حاصل ڪيائون. والد جي وفات کان پوءِ حرمين طيبين ۽ مصر جو سفر ڪيائون ۽ اتي جي عالمن کان فيض حاصل ڪيائون، واپس اچي تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون، ڪائن ڪثير عالِمَن فائدو حاصل ڪيو، پاڻ جِيّد

عالمِ اندلسي، فقيهِ مالڪي، مسندِ قرطبہ، ذهين ۽ فطين، سخاوت جا مالڪ، ڪثيرُ الصدقات، صاحبِ وقار ۽ مرجع خاص و عام هئا، رمضان 298ھ ۾ وصال فرمايائون.[x]

(11) **شيخ ابوالعباس محمد بن احمد بن محبوب محبوبي مروزي** رحمۃ اللّٰہ علیہ: پاڻ ابتدائي تعليم ۽ تربيت مقامي عالمن کان حاصل ڪئي، علوم و فنون ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ 265ھ ۾ ترمذ (صوبہ سرخان درياء، ازبڪستان) تشريف ڪٺي ويا اتي حضرت امام ترمذي جي صحبت ۾ رهي جامع ترمذي ٻڌي ان جي اجازت حاصل ڪيائون، پاڻ عالمِ فاضل، محدث، مسند ۽ شيخ البلد هئا. سندن وصال رمضان 346ھ ۾ ٿيو.[xi]

(12) **شيخُ القُرَّاء حضرت علامہ امام ابو دائود سليمان بن ابو قاسم نجاح اموي** رحمۃ اللّٰہ علیہ: پاڻ اندلس جي حاڪم مؤيد بالله هشام ثاني بن حڪم جي غلام جا فرزند هئا. سندن پيدائش 413ھ ۾ قرطبہ ۾ ٿي. پوءِ پاڻ دانيہ ۽ بلنسيہ منتقل ٿي ويا، اتي جي جيد عالمن کان علم حاصل ڪري پنهنجي وقت جا شيخ ۽ امام القراء ۽ مفسرِ قرآن بڻيا. نيڪي، دين، علم ۽ بزرگي ۾ سندن مرتبو تمام بلند هو، سندن وصال 16 رمضان 496ھ ۾ ٿيو.[xii]

---

(i)الاصابہ، 614/4
(ii)الاصابہ، 152/6-614/4
(iii)الاصابہ، 511/6
(iv)اتحاف الاکابر، ص157، ويکيپيڈيا،مضمون: عبد اللہ الرضا بن موسی الجون
(v)کتبہ مزار،نوائے وقت،2،اپریل 2021ء
(vi)تذکرہ کاملان رامپور، ص86، 87
(vii)تذکرۃ الانساب، ص79
(viii)روزنامہ جموں و کشمیر، مظفرآباد، اتوار، 14مئی2023ء
(ix)سیراعلام النبلاء،458/8-415/10، 416
(x)سیر اعلام النبلاء، 72/11 -الوافی بالوفیات، 277/19
(xi)سیر اعلام النبلاء، 160/12-العبر فی خبر من غبر، 74/2- الوافی بالوفیات، 31/2
(xii)سیراعلام النبلاء، 216/14-اعلام للزرکلی، 137/3- غایۃ النہایۃ، 287/1-معرفۃ القراء، 862/2، رقم:572



# آخري نبي محمد عربي جي اشڪباري

(مولانا ناصر جمال عطاري مدني)

الله ڪريم انسان کي احساسن جي نعمت سان نوازيو آهي، ان ئي نعمت جي ڪري انسان خوشيءَ جي موقعي تي مرڪندو آهي ۽ غم جي موقعي تي ڪڏهن رنجيده ٿيندو آهي ته ڪڏهن روئي پوندو آهي. کلڻ ۽ روئڻ ٻئي الله پاڪ جي طرفان آهن، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

﴿وَ اَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَ اَبْكٰى(۴۳)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هي ته اهو ئي آهي جنهن کلايو ۽ روئاريو. (سيپارو: 27، النجم: 43)

الله جي ڪرم نوازي ڏسو ته هن روئڻ کي غم جي وقت آٿت، مصيبت جي وقت تسلي ۽ حوصلو پست ٿيڻ کان بچائڻ جو ذريعو بڻايو آهي. الله جي رحمت ڏسو ته هن آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات کي زندگيءَ جي ٻين معاملن وانگر خوشي ۽ غمي جي موقعن تي به اسان لاءِ رهبر ۽ رهنما بڻايو آهي. اسان جي ڪريم آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اشڪباري فرمائي هن امت کي تعليم ڏني آهي. اچو! اسان پنهنجي آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اشڪباريءَ جي انداز بابت ڪجهه واقعن جو علم حاصل ڪريون:

## نماز دوران اشڪباري

(1) شيرِ خدا حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: بدر جي ڏينهن حضرت مقداد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کانسواءِ اسان ۾ ڪو به گهوڙي سوار نه هو. مون ڏٺو ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کانسواءِ سڀ آرام ڪري رهيا هئا، پاڻ سڳورا هڪ وڻ جي هيٺان نماز پڙهي رهيا آهن ۽ روئي رهيا آهن، ايتري تائين جو صبح ٿي وئي.(i)

(2) حضرت عبدالله بن شخير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان الله جي رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا ۽ روئڻ جي ڪري سندن سيني مان ديڳڙي اُبرڙ جهڙو آواز اچي رهيو هو.(ii)

الله ڪري ته اسان کي به مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن انداز جو صدقو نصيب ٿئي. نماز ۾ روئڻ وقت ڪجهه ڳالهين جو احتياط لازمي آهي: (1) نمازي خشوع اختيار ڪري، جتي الله جي عدل جو خوف دل ۾ هجي اتي ئي سندس رحمت مان اميد به هجي. (2) جهنم جي خوف ۽ جنت جي شوق ۾ آواز کان سواءِ روئڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (3) نماز دوران روئيندي آهه، اوهه، اُف، ٿُف جهڙا لفظ درد

يا مصيبت جي ڪري نڪتا يا آواز سان رُنو ۽ اکر پيدا ٿيا، تہ انهن سڀني صورتن ۾ نماز ٽٽي ويندي. نماز ٽٽڻ جو سبب اهو آهي تہ اهڙي طرح روئڻ هڪ شڪايت آهي ۽ مقصد اهو ٻڌائڻ آهي تہ "مون کي تڪليف آهي يا مون تي مصيبت آئي." اهو ماڻهن جو ڪلام آهي جيڪو نماز کي فاسد ڪري ڇڏي ٿو.

جيڪڏهن اهي لفظ جنت ۽ دوزخ جي ياد ۾ نڪتا، تہ نماز فاسد نہ ٿيندي ڇو تہ ان صورت ۾ اهي لفظ دعا، طلبِ رحمت ۽ معافي گهرڻ جي درجي ۾ آهن ان ڪري هن وجهہ سان نماز نہ ٽُٽندي.[iii]

## قرآن ٻڌڻ مهل لڙڪ جاري

رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي قرآن جي تلاوت ڪرڻ لاءِ فرمايو، تہ پاڻ تعجب وچان عرض ڪيو: مان تلاوت ڪريان؟ حالانڪ (هي قرآن) تہ توهان تي نازل ٿيو آهي؟ فرمايائون: ٻئي کان ٻڌڻ مون کي وڻندو آهي. جيئن تہ رسولِ اڪرم جي سامهون حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سورت نسآء جي تلاوت ڪئي، جڏهن هن آيت تي پهتا:

﴿فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۭ بِشَهِيْدٍ وَّ جِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰۤؤُلَآءِ شَهِيْدًا(۴۱)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڪهڙو حال هوندو جڏهن اسان هر امت مان هڪ شاهد آڻينداسين ۽ اي حبيب! اوهان کي انهن سمورن تي شاهد ۽ نگهبان بڻائي آڻينداسين. (سيپارو: 5، نسآء: 41)

تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "هاڻي ايترو ڪافي آهي." (يعني اڳين آيت نہ پڙهو ڇو تہ مان هن آيت ۾ غور وفڪر ڪري رهيو آهيان ۽ مڙني تي گواهہ هجڻ جي تصور ۾ روئڻ واري ڪيفيت مون تي طاري آهي.) حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون (تلاوتِ قرآن کان روڪڻ جو سبب ڄاڻڻ جي لاءِ) رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري طرف ڏٺو تہ پاڻ سڳورن جي ٻنهي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا.[iv]

## قبرستان ۾ لڙڪ جاري

حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسين رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين، پاڻ قبر جي ڪناري وينا ۽ ايترو رُنا جو (سندن ڳوڙهن سان) مٽي آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: يَااِخْوَانِىْ لِمِثْلِ هٰذَا فَاَعِدُّوا يعني اي منهنجا ڀائرو! هن جهڙي (قبر) جي لاءِ (قبر ۾ گڏ وڃڻ واريون نيڪيون) تيار رکو.[v] هن حديث کي پڙهڻ ڪانپوءِ اسان جو قبرستان وڃڻ جو انداز بدلجي وڃڻ گهرجي.

## امت جي فڪر ۾ لڙڪ جاري

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ما فرمائن ٿا: رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قرآن پاڪ مان حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي هن قول جي تلاوت فرمائي:

﴿رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (۳۶)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي منهنجا رب! بيشڪ بتن گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪري ڇڏيو پوءِ جيڪو منهنجي پٺيان هلي ته بيشڪ اهو منهنجو آهي ۽ جيڪو منهنجي نافرماني ڪري ته بيشڪ تون بخشڻهار مهربان آهين. (سيپارو: 13، ابراهيم، 36) ۽ اها آيت به تلاوت فرمائي جنهن ۾ حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو قول آهي:

﴿اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (۱۱۸)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏئين ته اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن کي بخشي ڇڏين ته بيشڪ تون ئي غلبي وارو، حڪمت وارو آهين. (سيپارو: 7، المآئده، 118) ته رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي روئڻ جي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ پنهنجا هٿ کڻي دعا گهريائون: ”اي الله! منهنجي امت، منهنجي امت.“ الله پاڪ حضرت جبرائيل کي فرمايو: ”اي جبرائيل! منهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ وڃ، تنهنجو رب بهتر ڄاڻي ٿو پر ڪين پڇ ته ڪهڙي شيءِ ڪين روئاري رهي آهي.“ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون، ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي فڪرن جي خبر ڏني. الله پاڪ فرمايو: ”اي جبرائيل! منهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ وڃ ۽ انهن کي چئو ته : اِنَّا سَنُرْضِيْكَ فِي اُمَّتِكَ وَلَا نَسُوْءُكَ يعني بيشڪ اسان توهان کي توهان جي امت جي بخشش جي معاملي راضي ڪري ڇڏينداسين ۽ توهان کي غمگين نه ڪنداسين. (vi)

## فوتگي تي لڙڪ جاري

(1) آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي کير پيارينڙ والده جو نالو حضرت خوله بنتِ مُنذِر آهي، سندن مڙس جو نالو براء بن اوس انصاري هو اهي ابو سيف لوهار سڏبا هئا. (vii)

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بيان ڪن ٿا: (هڪ ڀيري) اسان رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ابو سيف لوهار جي گهر وياسين. اهي حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْه جا رضائي والد هئا. رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابراهيم کي کنيو، کين چُميو ۽ سنگهيو. ان کانپوءِ اسان ٻيهر وياسين جڏهن ته ابراهيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آخري پساهن ۾ هئا،

(سندن هيءَ حالت ڏسي ڪري) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسولَ الله! توهان به (روئي رهيا آهيو جڏهن ته توهان مصيبت تي صبر ڪرڻ جو ۽ ميت تي نه روئڻ جو حڪم ڏنو آهي) فرمايائون: ”اي ابن عوف! (هي روئڻ بي صبري ۽ ناشڪري جي لاءِ ناهي بلڪ) هيءُ ته رحمت آهي(جيڪا هر پيءُ کي پنهنجي پٽ سان هوندي آهي). پوءِ ٻيهر ڳوڙها آيا ته فرمايائون: ”بيشڪ اک ڳوڙها وهائي رهي آهي، دل به غمگين آهي پر اسان صرف اهو ئي چونداسين جنهن سان اسان جو رب راضي ٿئي، ۽ اي ابراهيم! تنهنجي جدائيءَ تي اسين غمگين آهيون.(viii)

(2) رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صاحبزاديءَ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف کڻي ويا، حضرت سَعد بن عباده ۽ حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به گڏ هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندن ڏوهٽو ڏنو ويو، ان وقت ٻار جو ساهه مُنجهي رهيو هو. اهو ڏسي پاڻ سڳورن جون اکيون پرجي آيون. حضرت سَعد عرض ڪيو: يَا رسولَ الله! هي ڇا آهي؟ فرمايائون: هٰذِهٖ رَحْمَةٌ جَعَلَهَا اللهُ فِيْ قُلُوْبِ عِبَادِهٖ، وَاِنَّمَا يَرْحَمُ اللهُ مِنْ عِبَادِهِ الرُّحَمَاءَ هي اها ئي رحمت آهي جيڪا الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي دلين ۾ رکي آهي، ۽ الله پنهنجي رحم دل ٻانهن تي ئي رحم فرمائيندو آهي.(ix)

## لڙڪ وهائڻ جي تعليم جا نتيجا ۽ اثر:

غور ڪريو ته اسان جي رب جي ڪيڏي ڪرم نوازي آهي جو اسان کي سيدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامن سان وابسته ڪري ڇڏيائين. صحبتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام کي نوازيو، مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لڙڪن کان فيض ماڻي انهن جي دلين ۾ رقت، سوز ۽ شفقت ۽ احساس جهڙين خوبين سان سينگاريو، صحابهءِ ڪرام کان اهو فيض تابعين، ائمهءِ مجتهدين، اولياء ۽ عالمن ۾ منتقل ٿي ڪري سڄي دنيا ۾ عام ٿيو ۽ اها اسلام جي روشن تعليم هر طبقي تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻيو، مصطفيٰ جي انداز مان حاصل ٿيل تعليم لڙڪ وهائڻ اڄ به دنيا مان بي حسي ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ اثرائتو آهي. احساسِ ذميداري کي جاڳائڻ ۾ مددگار آهي، انسان کي مثبت فڪر جي تربيت ڏيڻ ۾ مددگار آهي، اجتماعي بي حسي مان پيدا ٿيندڙ هولناڪي مان ڪڍڻ جو رستو آهي. هتي هيءُ ٻڌائڻ تمام ضروري آهي ته دعوتِ اسلامي جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جا ڪوڙ عملَ آهن انهن مان درس ۽ بيان، سنتن ڀريا اجتماع ۽ ٻين ديني ڪمن جي ذريعي اندازِ مصطفيٰ مان حاصل ٿيل لڙڪَ وهائڻ جي تعليم جو

ڪردار تمام بنيادي ۽ نهايت ئي اهم آهي، دعوتِ اسلامي ۾ هي سيکاريو ويندو آهي تہ

روناِ مصیبت کامت روتُو پیارے نبی کے دیوانے
کرب وبلا والے شہزادوں پر بھی تُونے دھیان کیا

بارگاهِ الاهي ۾ ائين التجا ڪرڻ جي تربيت ڏني ويندي آهي:

یارب! غمِ حبیب میں رونا نصیب ہو
آنسو نہ رائیگاں ہوں غمِ روزگار میں

بارگاهِ مصطفيٰ ۾ هيئن عرض ڪرڻ جو ڍنگ سيکاريو ويندو آهي:

رونا بھی سکھا دو اور سکھلا دو تڑپنا بھی
بُلوا کے شہنشاہِ اَبرار مدینے میں

خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ روئڻ وارين اکين جي اهميت هن ريت ذهن نشين ڪرائي ويندي آهي:

رونے والی آنکھیں مانگو رونا سب کا کام نہیں
ذکرِ محبت عام ہے لیکن سوزِ محبت عام نہیں

خوفِ خدا، عشقِ مصطفيٰ، فڪرِ آخرت ۾ روئڻ واريون اکيون ملي وڃن تيون ۽ پوءِ هو پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو جذبو کڻي عملي ميدان ۾ لهندو آهي تہ الله جي ڪرم سان ترقي ۽ ڪاميابي ان جو استقبال ڪندي آهي.

---

(i)مسند احمد، 299/2،حديث:1023
(ii)ابو داؤد،342/1، حديث:904
(iii)شرح ابوداؤد للعينى، 126/4،تحت الحديث:881،مرقاة المفاتيح، 82/3، تحت الحديث:1000،بہارشریعت،1/ 608
(iv)بخارى،416/3، حديث:5050،مرقاة المفاتيح،694/4،تحت الحديث:2195، دليل الفالحين،361/2،تحت الحديث:446
(v)ابن ماجہ، 466/4، حديث:4195
(vi)مسلم، ص109، حديث:499
(vii)اللامع الصبيح، 215/5 ماخوذاً
(viii)بخارى، 441/1،حديث: 1303، منحة البارى، 377/3،تحت الحديث:1303
(ix)بخارى، 532/4، حديث: 7377





# روزو تقويٰ جي تربيت جو عملي موقعو

مولانا سيد بهرام حسين عطاري مدني

الله پاڪ انسان کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا فرمايو آهي. انسان تي جيڪي بہ عبادتون لازم ڪيون ويون آهن انهن کي بجا آڻڻ ۽ جن شين کان منع ڪيو ويو آهي انهن کان پاڻ کي بچائڻ ۾ انسان جو پنهنجو ئي فائدو ۽ ڀلو آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ وَ اِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪڏهن توهان ڀلائي ڪندؤ تہ توهان پنهنجي لاءِ ئي ڀلو ڪندؤ.“ (i) هڪ ٻئي مقام تي ارشاد فرمايو: ﴿وَ مَنْ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِیٌّ عَنِ الْعٰلَمِیْنَ (6)﴾ ترجموڪنزُالعرفان: ۽ جيڪو ڪوشش ڪري تہ اهو پنهنجي ئي فائدي جي لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. بيشڪ الله سڄي جهان کان بي نياز آهي.“ (ii) الله پاڪ اسان جي عبادتن کان بي نياز آهي، ڪو عبادت ڪري يا نہ ڪري ان جي شان ۾ ڪا بہ گهٽتائي ناهي ايندي. اسان عبادتن جا محتاج آهيون جو انهن جي ذريعي اسان کي الله پاڪ جي رضا ۽ تقويٰ و پرهيزگاري حاصل ٿيندي آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ (21)﴾ ترجموڪنزُالعرفان: اي انسانو! پنهنجي رب جي عبادت ڪريو جنهن توهان کي ۽ توهان کان اڳين ماڻهن کي پيدا ڪيو هيءَ اميد ڪندي (عبادت ڪريو) جو توهان کي پرهيزگاري ملي وڃي.“ (iii)

ياد رکندا! روزو صرف بک ۽ اُڃ جو نالو ناهي بلڪ اهو تقويٰ جي عملي تربيت جو سنهري موقعو مهيا ڪندو آهي. رمضان ۾ ٻانهو پنهنجي خواهشن تي قابو آڻي پنهنجي نفس کي الله پاڪ جي احڪامن تي عمل جي مشق ڪرائيندو آهي. ۽ مسلسل اها ڪوشش ان جي اندر تقويٰ، صبر ۽ پرهيزگاريءَ جي جذبن کي مضبوط ڪندي آهي. ائين روزو انسان کي عملي طور تقويٰ جي حقيقي روح سمجهڻ ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جو موقعو ڏيندو آهي.

روزي جي فرضيت سان گڏوگڏ ان جي مقصد بابت خاص طور ارشاد فرمايو ويو: ﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَیْكُمُ الصِّیَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ (183)﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا تہ جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.“ (iv)

هن آيتِ ڪريمہ جي تحت ”تفسيرِ صراطُ الجنان“ ۾ آهي: روزي جو مقصد تقويٰ ۽ پرهيزگاري حاصل ڪرڻ آهي. روزي ۾ چو تہ نفس تي سختي ڪئي ويندي آهي ۽ کائڻ پيئڻ جي حلال شين کان بہ روڪيو ويندو

آهي تہ ان سان پنهنجي خواهشن تي قابو آڻڻ جي مشق ٿيندي آهي، جنهن سان ضبطِ نفس ۽ حرام کان بچڻ جي قوت حاصل ٿيندي آهي ۽ اهو ئي نفس تي قابو ۽ خواهشن تي قابو اها بنيادي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي ماڻهو گناهن کان بچندو آهي.(v)

اهو ئي سبب آهي جو نڪاح جي سگهہ (طاقت) نہ رکندڙن کي روزي رکڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ جيئن اهي پنهنجي خواهشن تي قابو آڻي گناهن کان بچيل رهن. جيئن تہ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اي نوجوانو! اوهان مان جيڪو نڪاح جي طاقت رکي ٿو سو نڪاح ڪري جو هي اجنبي عورت ڏانهن نهارڻ کان نگاهہ کي روڪيندڙ آهي ۽ شرمگاهہ جي حفاظت ڪندڙ آهي، ۽ جنهن ۾ نڪاح جي طاقت ناهي سو روزا رکي جو روزو شهوت کي ختم ڪرڻ وارو آهي."(vi)

روزو عملي طور روزي دار جي تربيت جو سامان مهيا ڪندو آهي. روزيدار کي بک ۽ اُڃ جي شدت محسوس ٿيندي آهي، ان جي سامهون طرح طرح جون کائڻ پيئڻ جون لذيذ شيون، ٿڌا ۽ مٺا شربت موجود هوندا آهن پر هو اڪيلائيءَ ۾ لڪي بہ انهن شين ڏانهن هٿ ناهي وڌائيندو ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو تہ ان جي اها حرڪت مخلوق کان تہ لڪي سگهي ٿي پر خالق کان نٿي لڪي سگهي، تہ هي خوفِ خدا ۽ تقويٰ و پرهيزگاري جي تربيت جو عملي موقعو روزي جي ئي برڪت سان حاصل ٿيندو آهي. پوءِ ان تربيت جو اثر هي ظاهر ٿيندو آهي تہ انسان جي جَلوت ۽ خَلوت هڪ جهڙي ٿي ويندي آهي. انسان جنهن طرح ماڻهن جي سامهون گناهن کان رڪيل رهندو آهي، اهڙي طرح اڪيلائيءَ ۾ بہ گناهن کان بچيل رهندو آهي. ان ضمن ۾ هڪ روايت ملاحظہ ڪريو:

جيئن تہ حضرت نافع رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان گڏ هڪ سفر ۾ هئا، رستي ۾ هڪ جاءِ تي ترسيا ۽ کائڻ لاءِ دسترخوان وڇايائون، ايتري ۾ هڪ ڌنار (ٻڪريون چاريندڙ) اتي اچي ويو. پاڻ فرمايائون: "اچو! دسترخوان مان ڪجهہ کائي وٺو!" هن عرض ڪيو: "منهنجو روزو آهي." حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو: "ڇا تون هن سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ (نفلي) روزو رکيو ويٺو آهين جڏهن تہ تون هنن جبلن ۾ ٻڪريون چاري رهيو!" آهين هن چيو: "الله جو قسم! مان هي ان لاءِ ڪري رهيو آهيان تہ جيئن زندگيءَ جي گذريل ڏينهن جي تلافي (بدلو ادا) ڪري سگهان، پاڻ ان جي پرهيزگاريءَ جو امتحان وٺڻ جي ارادي سان فرمايائون: "ڇا تون پنهنجي ٻڪرين مان هڪ ٻڪري اسان کي وڪڻندين؟ ان جي قيمت ۽ گوشت بہ توکي ڏينداسين تہ جيئن تون ان سان روزو افطار ڪري سگهين، هن جواب ڏنو: هي ٻڪريون منهنجيون ناهن، منهنجي مالڪ جون آهن، عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا آزمائڻ لاءِ فرمايو:

”مالڪ کي چئي ڇڏجانءِ تہ بگھڙ (Wolf) انھن مان ھڪ کي کڻي ويو آھي، غلام چيو: تہ پوءِ الله پاڪ ڪٿي آھي؟ (يعني الله پاڪ تہ ڏسي رھيو آھي، ھو ان تي منھنجو پڇاڻو فرمائيندو). جڏھن پاڻ مديني واپس تشريف کڻي آيا تہ ان جي مالڪ کان اھو غلام ۽ سموريون ٻڪريون خريد ڪري ورتائون، پوءِ ان ڌنار کي آزاد ڪري ڇڏيائون ۽ ٻڪريون بہ کيس تحفي ۾ ڏئي ڇڏيائون.(vii)

روزو انسان جي تقويٰ، پرھيزگاري ۽ گناھن کان بيزاري جي تربيت ڪندي ھيئن بہ احساس ڏياريندو آھي تہ کائڻ پيئڻ جون شيون جيڪي روزي کان علاوہ جائز ھيون پر روزي جي حالت ۾ انھن کان بہ منع ڪيو ويو، تہ اھي شيون جيڪي روزي کان علاوہ بہ ھميشہ منع آھن (مثال طور ڪوڙ، غيبت، چغلي، گارگند، فلمون ڊراما، گانا باجا ۽ بد نگاھي وغيرہ) انھن جو ارتڪاب ڪيئن ڪري سگھجي ٿو! ھن ريت انسان روزي جي برڪت سان کائڻ پيئڻ وغيرہ کان بچڻ سان گڏوگڏ ٻين گناھن کان بہ پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آھي.

اھڙي طرح روزو ھي احساس بہ ڏياريندو آھي تہ جھڙي طرح روزيدار کائڻ پيئڻ جي شين تي قدرت رکڻ جي باوجود صرف پنھنجي رب جي خوف کان انھن کي ڇڏي ڏيندو آھي، اھڙي طرح گناھن جا سببَ موجود ھجڻ جي باوجود انسان پنھنجي رب جي خوف کان گناھ ڇڏي ڏئي تہ اھو ئي حقيقي تقويٰ آھي ۽ ان جي وڏي فضيلت بيان ٿي آھي. جيئن تہ رسولُ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص ڪنھن حرام ڪم تي قادر ھجي پوءِ ان کي صرف الله پاڪ جي خوف جي ڪري ڇڏي ڏئي تہ الله پاڪ آخرت کان اڳ دنيا ۾ ئي جلد ان جو اھڙو بدل عطا فرمائيندو آھي جيڪو ان حرام ڪم کان بھتر ھوندو آھي.(viii)

مطلب تہ روزو ھڪ اھڙي حالت آھي جنھن ۾ انسان ھر وقت عبادت ۾ رھندو آھي. روزيدار جو سحري ڪرڻ عبادت، افطار ڪرڻ عبادت ايستائين جو ان جو سمھڻ بہ عبادت ۾ شمار ٿيندو آھي، حديثِ پاڪ ۾ آھي: روزيدار جو سمھڻ عبادت، ان جي خاموشي تسبيح ڪرڻ، ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول ھوندو آھي.(ix)

اھڙي طرح انسان کي متقي ۽ پرھيزگار بڻائڻ ۾ روزي جو نمايان ڪردار ھوندو آھي.

---

(i) (سيپارو: 15، بني اسرائيل: 7)
(ii) (سيپارو: 20، العنڪبوت، 6)
(iii) (سيپارو: 1، البقرة، 21)
(iv) (سيپارو: 2، البقره: 183)
(v) صراط الجنان،290/1
(vi) بخاری، 422/3،حديث:5066
(vii) شعب الايمان، 329/4،حديث:5291
(viii) جامع الاحاديث،9 /43، حديث: 27052
(ix) شعب الايمان،415/3، حديث:3938





(قسط:02)

# اسلامي معاشروئي مثالي معاشرو آهي

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

الله پاڪ اسلامي تعليمات ۾ اها جامعيت رکي آهي جو صديون گذرڻ کان پوءِ به مسلمان ان جا محتاج آهن. ساڍا چوڏهن سئو سال پهريان زمين تي رهندڙ ماڻهن جي رهنمائي کان وٺي اڄ جي ترقي يافته سڏجندڙ دور تائين اسلامي تعليمات ڪامل ۽ اڪمل طور تي رهبر ۽ رَهنُما آهي. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جنهن طرح صديون اڳ ترياق (علاج) جو ڪم ڪندي هئي، اڄ به اوتري ئي اثرائتي ۽ شفا بخش آهي. ماڻهو جيئن جيئن دورِ نبوت کان پري ۽ قيامت جي ويجهو ٿيندا پيا وڃن، معاشري ۾ ڪوڙ، غيبت، چغلي، ٺڳي، لعنت ملامت ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، بنا سبب ستائڻ، دل ڏکائڻ، بغض ۽ ڪينو، حسد، هڪٻئي جي لڪيل ڳالهين جي پويان پوڻ، مسلمانن کي حقير سمجهڻ، خودغرضي، بي راهه روي، ملاوٽ، دوکو، فساد، جهيڙو ۽ مارڪُٽ جهڙيون خرابيون وڌنديون پيون وڃن. انهن خرابين مان ڪجهه جو تعلق توڙي جو فردِ واحد سان آهي، پر انهن مان ڪيتريون ئي اهڙيون آهن جيڪي معاشري جي سڪون، اطمينان، چين ۽ امن و سلامتي کي تباهه و برباد ڪري رهيون آهن، اهڙي وقت ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پنهنجي پياري دينِ اسلام ڏانهن رجوع ڪريون، اسلامي تعليمات کي معاشري ۾ عام ڪريون، پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي موڪليل آفاقي اصولن کي اپنايون ۽ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طريقن کي ساهه ۾ سانديون، ته اسان جو معاشرو به حقيقي مدني معاشري جي تصوير بڻجي سگهي ٿو، ان ڪري جو اسلام جنهن معاشري کي پسند ڪري ٿو ۽ جنهن جي تعليم ڏئي ٿو، اهو اهڙو مثالي معاشرو آهي جنهن ۾ عدل ۽ انصاف قائم هجي، ماڻهو هڪٻئي جي حقن جو احترام ڪن، سچائي، امانت، ديانت ۽ صبر و برداشت عام هجي، ڪمزورن جي مدد کي ديني ۽ اخلاقي فرض سمجهيو وڃي، اختلافِ راءِ جو پوري فراخدليءَ سان احترام ڪيو وڃي، وڏن جو ادب ۽ ننڍن تي شفقت معمول هجي، ديني تعليم جو رواج هجي، اسلامي تهذيب کي شعار بڻايو وڃي، صفائي، نظم و ضبط ۽ قانون جي پاسداري معمول هجي، خانداني نظام مضبوط هجي ۽ گڏيل سهڪار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن. هر فرد پنهنجي ڪردار، اخلاق ۽ ذميدارين ۾ سنجيده ٿي پوري معاشري جي ڀلائيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. نموني طور هتي صرف ڪجهه تعليمات جو ذڪر ڪجي ٿو ته جيئن اسان کي انهن جي اهميت جو احساس ٿئي ۽ اسان انهن کي عملي طور تي اپنائڻ وارا بڻجي وڃون.

## مسلمانن جو ڀلو ڪريو

مسلمانن جي ڪم اچڻ، ڪنهن جي مشڪل آسان ڪرڻ، ڪنهن جي جائز سفارش ڪرڻ، ڪنهن کي قرض ڏيڻ، ڪنهن جي گهر جو سامان آڻي ڏيڻ، پوشيده طور ڪنهن جي مدد ڪرڻ وغيره اهڙيون نيڪيون آهن جن تي اجر ۽ ثواب به آهي ۽ انهن ۾ معاشري جو حسن ۽ خوبصورتي به لڪيل آهي. رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي ۽ هو ان جي پوشيده مدد ڪري ته الله ڪريم دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي مدد فرمائيندو. (i) ڪنهن مسافر کي لفٽ ڏئي ان لاءِ آساني پيدا ڪرڻ، پيٽرول ختم ٿي وڃڻ واري موٽر سائيڪل سوار کي ٽو (Tow) ڪري پيٽرول پمپ تائين پهچائڻ، نابينا، بُزرگ يا ٻار کي روڊ پار ڪرائڻ، اهي ته صرف ڪجهه مثال آهن، نه ته اهڙيون بيشمار نيڪيون آهن جن کي ڪري اسان نه صرف ثواب ڪمائي سگهون ٿا پر پنهنجي معاشري کي امن، سلامتي، ڀائيچاري ۽ خيرخواهي جو مثالي ۽ قابلِ تقليد نمونو بڻائي سگهون ٿا.

## جائز سفارش تي ثواب

اسلامَ تو تان اسان جي جان قربان! ڪيڏي نه پاڪيزه تعليم آهي: هڪ مسلمان ٻئي جو خيرخواه هجي، ان جو ڀلو چاهي، ٻين جي ڪم اچي، ڪنهن جو ڪم بڻائڻ لاءِ يا ڪنهن کي جائز نوڪري تي لڳرائڻ لاءِ، ڪنهن جي جان بچائڻ لاءِ جائز سفارش ڪري ته ان تي به اجر ماڻيندو جيئن ته حضرت سَمُره بن جُندب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سڀ کان افضل صدقو زبان جو صدقو آهي. صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يَا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! زبان جو صدقو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: توهان جي اها سفارش جنهن سان ڪنهن قيدي کي آزادي ڏياريو، ڪنهن جو رت وهڻ کان بچايو ۽ ڪا ڀلائي پنهنجي ڀاءُ ڏانهن وڌايو ۽ ان تان ڪا مصيبت دور ڪريو. (ii)

## مسلمان فائدي ۾ آهي

اسلام جي پياري تعليمات جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! هڪ مسلمان پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي ڪم اچڻ لاءِ گهر کان نڪتو، اتان ئي هو ثواب ڪمائڻ وارو ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن ڪم بڻائي ڏنائين ته به فائدو ئي فائدو ۽ جيڪڏهن ڪوشش جي باوجود ڪم نه ٿي سگهيو ته به اها ڪوشش رائيگان نه ويندي ڇو ته اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ هلندو آهي، الله پاڪ هر قدم جي بدلي ان جي اعمالنامي ۾ ستر نيڪيون لکي ڇڏيندو آهي، ان جا ستر گناهه معاف ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن اها حاجت ان جي هٿان پوري ٿي وڃي ته هو گناهن کان

ائين پاڪ تي ويندو آهي جيئن اڄ ئي پيدا ٿيو هجي، ۽ جيڪڏهن هو ان دوران وفات ڪري وڃي ته بنا حساب جي جنت ۾ ويندو. (iii)

## الله ڪي سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل

معاشري ۾ اخوت، ڀائيچارو، سڪون، چين، اطمينان آڻڻ وارا ڪم الله ۽ ان جي رسول کي ڪيتري قدر پسند آهن، ان روايت مان بخوبي سمجهي سگهجي ٿو: حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يَا رسولَ الله! اَیُّ النَّاسِ اَحَبُّ اِلَی اللهِ، وَاَیُّ الْاَعْمَالِ اَحَبُّ اِلَی اللهِ؟ يعني الله ڪريم کي ڪهڙا ماڻهو سڀ کان وڌيڪ محبوب آهن؟ ۽ ڪهڙو عمل الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ پسند آهي؟ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَحَبُّ النَّاسِ اِلَی اللهِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ يعني الله ڪريم کي سڀ کان وڌيڪ محبوب اهو ماڻهو آهي جيڪو ماڻهن کي سڀ کان وڌيڪ فائدو پهچائي. وَاَحَبُّ الْاَعْمَالِ اِلَی اللهِ ۽ الله پاڪ وٽ سڀ کان پسنديده عمل اهو آهي ته سُرُورٌ تُدْخِلُهُ عَلَی مُسْلِمٍ يعني تون ڪنهن مسلمان کي خوشي پهچائين، اَوْ تَكْشِفُ عَنْهُ كُرْبَةً يا ان جي ڪا تڪليف دور ڪرين، اَوْ تَقْضِی عَنْهُ دَيْنًا يا ان جو قرض ادا ڪرين، اَوْ تَطْرُدُ عَنْهُ جُوعًا يا ان جي بک دور ڪرين، وَلَأَنْ اَمْشِی مَعَ اَخٍ لِی فِی حَاجَةٍ اَحَبُّ اِلَیَّ مِنْ اَنْ اَعْتَكِفَ فِی هَذَا الْمَسْجِدِ شَهْرًا فِی مَسْجِدِ الْمَدِينَةِ ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان گڏ ان جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ هلان ته اهو مون کي مديني طيبه جي هن مسجد (مسجدِ نبوي) ۾ هڪ مهينو اعتڪاف ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي، وَمَنْ كَفَّ غَضَبَهُ سَتَرَ اللهُ عَوْرَتَهُ جيڪو ماڻهو پنهنجو غصو روڪي، الله پاڪ ان جي پرده پوشي فرمائيندو آهي، وَمَنْ كَظَمَ غَيْظَهُ وَلَوْ شَاءَ اَنْ يُمْضِيَهُ اَمْضَاهُ؛ مَلَأَ اللهُ قَلْبَهُ رَجَاءً يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۽ جيڪو پنهنجي غصي کي پي وڃي جڏهن ته هو ان کي نافذ ڪري سگهيو ٿي، ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دل کي اميد سان ڀري ڇڏيندو، وَمَنْ مَشَى مَعَ اَخِيهِ فِی حَاجَةٍ حَتَّى يُثَبِّتَهَا لَهُ ثَبَّتَ اللهُ قَدَمَهُ يَوْمَ تَزُولُ الْاَقْدَامُ جيڪو ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ان سان گڏ هليو تان جو ان جو ڪم پورو ڪري ڏنائين، ته قيامت جي ڏينهن جڏهن قدم ٿڙڪندا، الله پاڪ ان جي قدمن کي مضبوطي عطا فرمائيندو. (iv)

## ڇا هر ڪم ۾ مدد ڪجي؟

اسلامي تعليمات ۾ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جو اجر و ثواب ٻڌي ذهن ۾ جهي ٿو ته مسلمانن جي مدد ڪجي ته جيئن معاشري ۾ محبت جي فضا قائم ٿئي، پر ڇا هر ڪم ۾ هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ گهرجي؟ اهو ڄاڻڻ نهايت ئي ضروري آهي

تہ ڪٿي مدد ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙي ڪم ۾ مددگار ناهي بڻجڻو. ان ورهاست کي الله ڪريم هن طرح بيان فرمائي ٿو:

﴿وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪ وَ لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪٻئي جي مدد ڪيو ۽ گناهہ ۽ زيادتي تي هڪٻئي جي مدد نہ ڪيو.(v) سبحان الله! هيءَ آيتِ ڪريمہ پنهنجي معنوي وسعت ۽ جامعيت ۾ بي مثال آهي، جو تہ ان ۾ سهڪار ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جو هڪ معيار مقرر ڪيو ويو آهي. پهرين حصي ۾ "نيڪي ۽ پرهيزگاري" جي ڪمن ۾ گڏيل مدد جي ترغيب آهي، جنهن جو دائرو تمام وسيع آهي جنهن ۾ علمِ دين جي اشاعت، ديني تعليم و تربيت، دعوتِ اسلام جي ترويج، خير جي ڪمن ۾ مالي ۽ عملي مدد، معاشري جي اصلاح جون ڪوششون ۽ فلاحي سرگرميون سڀ شامل آهن. علمِ دين جي خدمت، درس ۽ تدريس، ديني ڪتابت ۽ اسلامي تعليمات کي دنيا تائين پهچائڻ جي لاءِ باهمي تعاون هن ئي قرآني حڪم تي عمل جا بهترين مثال آهن. اهڙي طرح نيڪي جو حڪم ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ، اخلاقي ۽ فڪري بگاڙ جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ ۽ معاشرتي فلاح جي مصوبن ۾ شرڪت ڪرڻ سڀ "نيڪي ۽ پرهيزگاري ۾ تعاون" جا روشن نمونا آهن.

آيت جي ٻئي حصي ۾ "گناهہ ۽ زيادتي" جي ڪمن ۾ گڏيل سهڪار کي مڪمل طور ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. هر اهو ڪم جنهن ۾ گناهہ ۽ ظلم جو پهلو هجي، ان ۾ مددگار بڻجڻ پنهنجو پاڻ کي جهنم ۾ اڇلائڻ جي برابر آهي. ان ۾ ظلم، فساد، دوکو، حق تلفي، رشوت وٺي فيصلا بدلائڻ، ڪوڙيون شاهديون ڏيڻ، ڪنهن بي گناهہ کي ظلم جو نشانو بڻائڻ، ظالمن جي مدد ڪرڻ، يا اهڙيون سرگرميون جن سان دين ۽ معاشري کي نقصان پهچي، سڀ شامل آهن. تنهنڪري ضروري آهي تہ مسلمان قرآن جي هن بنيادي اصول کي پنهنجو شعار بڻائين، نيڪي ۽ تقويٰ ۾ سهڪار کي مضبوط ڪن ۽ گناهہ جي هر رستي کان پري رهن. هيءُ ئي اهو اصول آهي جيڪو فرد کي صالح، معاشري کي مضبوط ۽ امت کي باوقار بڻائي ٿو. ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ اسلامي تعليمات تي عمل پيرا ٿئي، جو تہ ان ۾ ئي دنيا جي ترقي، ڀلائي ۽ سڪون لڪيل آهي ۽ ان ۾ ئي آخرت جي ڪاميابيءَ جو راز آهي.

---

(i)الاصابہ، 152/6-614/4

(ii)الاصابہ، 152/6-614/4

(iii)الاصابہ، 152/6-614/4

(iv)الاصابہ، 152/6-614/4

(v)الاصابہ، 152/6-614/4





# حضرت مِقدام بن مَعدي ڪَرِب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ

مولانا اويس يامين عطاري مدني

جن خوش نصيب ٻارن کي ننڍپڻ ۾ ئي الله پاڪ جي آخري نبي، حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحابي هجڻ جو شرف حاصل ٿيو، انهن ۾ حضرت مِقدام بن مَعدي ڪَرِب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ به شامل آهن. اچو! سندن ننڍپڻ بابت پڙهي پنهنجي دلين کي صحابهءِ ڪرام جي محبت سان روشن ڪريون ٿا:

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو شمار ننڍي عمر وارن صحابهءِ ڪرام ۾ ٿئي ٿو. (i)

**حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪلهي تي هٿ رکيو**

هڪ موقعي تي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت مِقدام جي ڪلهي تي شفقت سان هٿ هنيو ۽ کين يَاقُدَيْمُ چئي مخاطب فرمايو. (ii)

ياد رهي ته اهو هٿ هڻڻ ائين نه هو جيئن اسان وٽ بدتميزي يا بي ادبيءَ ۾ هڪٻئي کي هنيو ويندو آهي، بلڪ اهو نرمي ۽ محبت جو هڪ انداز هو جيئن ته مشهور مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان جي شرح ۾ هن عمل کي هٿ رکڻ سان تعبير ڪيو آهي، جيئن ته پاڻ لکن ٿا ته: ڪلهي تي هٿ رکڻ ۽ 'قُدَيم' (تصغير جو صيغو چئي خطاب فرمائڻ ڪرم ۽ محبت جي اظهار لاءِ آهي. (iii)

**وفد سان گڏ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضري:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بنو ڪنده جي ان وفد ۾ شامل هئا، جيڪو رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو هو. (iv)

**روايتن جو تعداد:** سندن 47 حديثون مروي آهن. (v)

**اناج کي ماپي وٺندا ڪريو:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان هڪ روايت مروي آهي ته رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنهنجو اناج ماپي وٺندا ڪريو، ان ۾ اوهان کي برڪت ڏني ويندي. (vi)

مفتي شريفُ الحق امجدي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا ته: يعني غلو جڏهن (سانڍي) رکو ته ماپي رکو ۽ جڏهن خرچ ڪرڻ لاءِ ڪيو ته به ماپي ڪيو، الله تعاليٰ ان ۾ برڪت عطا فرمائيندو. (vii)

**وصال:** حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي عمر مبارڪ لڳ ڀڳ 14 سال هئي، چو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ 91 سالن جي عمر ۾ سن 87 هجري ۾ شام جي علائقي ۾ وفات فرمائي. (viii)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

(i) فتح الباری لابنِ حجر، 263/5
(ii) ديکھئے: ابو داؤد، 183/3، حديث:2933
(iii) مرأة المناجيح، 361/5
(iv) الاستيعاب فی معرفة الاصحاب، 44/4
(v) تہذيب الاسمآء واللغات، 415/2
(vi) بخاری، 27/2، حديث:2128
(vii) نزہۃ القاری، 484/3
(viii) طبقات ابن سعد، 290/7



# تجارت جا احڪام

مفتي ابومحمد علي اصغر عطاري مدني

## پيءُ پاران نابالغ ٻار جي زمين وڪرو ڪرڻ جو حڪم

**سوال:** علماءِ ڪرام ھن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ زيد پنھنجي ڏوھٽي عمر جي پيدائش تي ڪيس حيدرآباد ۾ موجود پنھنجي زمين تحفي ۾ ڏني، ان زمين تي عمر جي پيءُ ٻڪر قبضو بہ ڪري ورتو ھو. ھاڻي ڪجھ وقت اڳ ٻڪر پنھنجي پوري فيملي سميت حيدرآباد مان ڪراچي مستقل طور تي شفٽ ٿي چڪو آھي. اوھان کان معلوم اھو ڪرڻو آھي تہ ڇا ھن صورت ۾ ٻڪر پنھنجي نابالغ ٻار جي اھا زمين وڪرو ڪري سگھي ٿو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب :** شرعي حڪم ذھن ۾ رھي تہ نابالغ ٻار کي تحفي طور ۾ ڏنل شيءِ تي جيڪڏھن ان ٻار جو ولي يعني سرپرست قبضو ڪري وٺي تہ ان صورت ۾ ھبہ مڪمل ٿي ويندو آھي، يعني اھو گفٽ ٻار جي ملڪيت ۾ اچي ويندو آھي. تنھنڪري پڇيل صورت ۾ ان زمين تي ٻار جي ملڪيت ثابت ٿي چڪي آھي.

البتہ پيءُ جيڪڏھن نيڪ ھجي يا مستور الحال ھجي (يعني ان جو نيڪ يا بد ھجڻ مشھور نہ ھجي) تہ ان جو نابالغ ٻار جي ملڪيت واري شيءِ ڪنھن معقول وجھ ھجڻ تي وڪرو ڪرڻ شرعي طور جائز آھي، شرط ھي آھي تہ مناسب قيمت تي وڪرو ڪري. تنھنڪري پڇيل صورت ۾ ٻڪر جيڪڏھن نيڪ آھي يا مستور الحال آھي، تہ ان جو مارڪيٽ ريٽ تي پنھنجي ٻار جي زمين وڪرو ڪرڻ شرعي طور جائز آھي. وڪري کان پوءِ حاصل ٿيندڙ رقم جو مالڪ اھو ٻار ئي ھوندو.

سيدي اعليٰ حضرت عَلَيْهِ الرحمه کان سوال ٿيو تہ: ”زيد پنھنجو گھر ۽ دڪان پنھنجي گھر واريءَ جي نالي وڪرو ڪري ڇڏيو ھو، گھر واريءَ جو انتقال ٿي ويو، زيد جا ٽي ٻار نابالغ آھن جيڪي پنھنجي ماءُ جا وارث آھن. ھاڻي زيد وٽ ڪجھ ناھي جنھن مان پنھنجو ۽ انھن نابالغن جو کائڻ پيئڻ ھلي سگھي. زيد نيڪ آھي، مال برباد ڪرڻ وارو ناھي، ھو نيڪ نيتيءَ سان چاھي ٿو تہ پنھنجو ۽ پنھنجي نابالغ ٻارن جو حصو وڪڻي تجارت ڪري جنھن سان انھن سڀني جو رزق اچي. ھن صورت ۾ زيد انھن حصن کي وڪڻڻ جو اختيار رکي ٿو يا نہ؟“ ان جي جواب ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏھن زيد نيڪ آھي، اولاد جو مال برباد ڪرڻ جو مٿس انديشو ناھي ۽ وڪرو مناسب ۽ معقول قيمت تي ھجي تہ ڪيس انھن حصن وڪڻڻ جو اختيار آھي. (فتاویٰ رضویہ،436/25)

بھارِ شريعت ۾ آھي: پيءُ نابالغ اولاد جي زمين وڪرو ڪري ڇڏي، جيڪڏھن ان جا اخلاق سٺا آھن يا مستور الحال آھي تہ وڪرو درست آھي، ۽ جيڪڏھن بدچلن آھي مال کي ضايع ڪرڻ وارو آھي تہ وڪرو ناجائز آھي، يعني نابالغ وڏو ٿي ان سودي کي ختم ڪري سگھي ٿو، ھا جيڪڏھن سٺي قيمت تي وڪرو ڪيو اٿس تہ پوءِ صحيح آھي.“ (بہارِ شریعت،814/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## يتيم ٻار پنھنجو مال ڪنھن کي گفٽ ڪري سگھي ٿو يا نہ؟

**سوال:** علماءِ ڪرام ھن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ جيڪڏھن ڪو يتيم ٻار خوشيءَ سان پنھنجي ذاتي رقم مان ڪنھن کي گفٽ ڏئي، تہ ڇا اھو گفٽ وصول ڪرڻ جائز آھي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** نابالغ ٻار پنهنجي ذاتي رقم مان ڪنهن کي بطورِ گفٽ ڪا شيءِ ڏئي، توڙي جو پنهنجي خوشيءَ سان هجي، تڏهن به اها وصول ڪرڻ جائز ناهي. جيڪڏهن وصول ڪئي وئي ته وصول ڪندڙ تي لازم آهي ته اها نابالغ کي موٽائي ڏي. اسان جي عرف ۾ جنهن جو پيءُ وفات ڪري وڃي ان کي يتيم چيو ويندو آهي، ڪٿي هو بالغ ٿي چڪو هجي. جيڪڏهن اهو ٻار بالغ آهي ته گفٽ ڏئي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن نابالغ آهي ته نٿو ڏئي سگهي.

صدر الشريعه مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ الرحمه لکن ٿا: "ٻار پاڻ به پنهنجو مال هبه (گفٽ) ڪرڻ چاهي ته نٿو ڪري سگهي، يعني جيڪڏهن هن تحفو ڏئي به ڇڏيو ته ان کان واپس ورتو ويندو، ڇو ته هبه جائز ئي ناهي... نابالغ پنهنجو مال نه پاڻ صدقو ڪري سگهي ٿو نه وري سندس پيءُ. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته اڪثر ماڻهو نابالغ کان شيءِ وٺي استعمال ڪري وٺندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته هن ڏئي ڇڏي، حالانڪ اهو ڏيڻ نه ڏيڻ برابر آهي. (بہار شریعت،81/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قرض معاف ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر گهرَ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته منهنجي دوست مون کي قرض ڏنو ۽ بعد ۾ پنهنجي مرضيءَ سان اهو قرض معاف ڪري ڇڏيو. هاڻي حالتون خراب هجڻ ڪري هو ٻيهر مون کان ان قرض جي گهرَ ڪري رهيو آهي. معلوم اهو ڪرڻو آهي ته ڇا شرعي طور مون تي ان قرض جي ادائيگي لازم آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** ڇيل صورت ۾ اوهان جي ذمي ان قرض جي ادائيگي شرعي طور لازم ناهي، ڇو ته قرض معاف ڪرڻ سان معاف ٿي ويندو آهي، ۽ جيڪو قرض ذمي تان ختم ٿي وڃي اهو ٻيهر ناهي موٽندو.

قرض هجي يا اُڌر معاف ڪرڻ سان معاف ٿي ويندو آهي. ان بابت علامه ابن عابدين شامي عَلَيْهِ الرحمه فرمائن ٿا: لوقال لغريمه إن كان لي عليك دين فقد أبرأتك وله عليه دين برئ" ترجمو: جيڪڏهن ڪنهن شخص پنهنجي مقروض کي چيو: جيڪڏهن منهنجو تو تي ڪو قرض آهي ته مون تو کي بري (آزاد) ڪري ڇڏيو، ۽ حقيقت ۾ سندس قرض هو به، ته مقروض بري الذمه ٿي ويندو، يعني مٿس قرض ختم ٿي ويندو. (رد المحتار على الدر المختار،504/7)

درر الحكام شرح مجلة الاحكام ۾ آهي:

''لو كان لشخص على آخر دين فأسقطه عن المدين، ثم بدا له رأى فندم على إسقاطه الدين عن ذلك الرجل، فلأنه أسقط الدين، وهو من الحقوق التي يحق له أن يُسقطها، فلا يجوز له أن يرجع إلى المدين ويُطالبه بالدين؛لأن ذمته برأت من الدين بإسقاط الدائن حقه فيه'' ترجمو: جيڪڏهن ڪنهن شخص جو ٻئي تي قرض هو، پوءِ هو مقروض تان اهو قرض معاف ڪري ڇڏي، ۽ بعد ۾ سندس ارادو بدلجي وڃي ۽ هو قرض جي معافي تي شرمسار ٿئي، ڇو ته هن قرض معاف ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو انهن حقن مان آهي جن کي انسان پاڻ معاف ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري هاڻي ان لاءِ جائز ناهي ته هو مقروض کان ٻيهر قرض جي گهرَ ڪري، ڇو ته مقروض جي ذمي تان قرض ان وقت ئي ختم ٿي ويو جڏهن قرض خواه (لهڻيندڙ) پنهنجو حق معاف ڪري ڇڏيو. (درر الحكام شرح مجلة الاحكام،54/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# رمضان المبارڪ جا ڪجھ اهم واقعا

| تاريخ / مهينو / سال | نالو / واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| 3 رمضان المبارڪ 11 ھ | يومِ وصال خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمة الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1440ھ ۾ ڪتاب "شانِ خاتونِ جنت" |
| 3 رمضان المبارڪ 1391 ھ | يومِ وصال حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ھ ۾ "فيضانِ مفتي احمد يار خان نعيمي" |
| 10 رمضان المبارڪ 10 سِنِ نبوي | يومِ وصال ام المؤمنين حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438، 1440ھ ۾ رسالو "فيضانِ خديجة الڪبريٰ" |
| 15 رمضان المبارڪ 3 ھ | يومِ ولادت نواسهءِ رسول حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ | ماهوار فيضانِ مدينہ رمضانُ المبارڪ 1438 ربيعُ الاول 1441ھ ۾ رسالو "امام حسن جون 30 حڪايتون" |
| 16 رمضان المبارڪ 1164ھ | يومِ وصال حضرت سيد آلِ محمد مارهروي برڪاتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438ھ |
| 17 رمضان المبارڪ 2 ھ | يومِ بدر ۽ شهداءِ بدر | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438، 1439ھ ۾ ڪتاب "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 209 |
| 17 رمضان المبارڪ 57 يا 58 ھ | يومِ وصال ام المؤمنين حضرت عائشه صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1440ھ ۾ ڪتاب "فيضانِ عائشه صديقہ" |
| 19 رمضان المبارڪ 2 ھ | يومِ وصال شهزادي رسول حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438ھ ۾ "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 694 |
| 20 رمضان المبارڪ 8ھ | فتح مڪہ | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1440ھ مئي 2021ع ۾ ڪتاب "سيرتِ مصطفيٰ" صفحو 411 |
| 21 رمضان المبارڪ 40ھ | مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي شهادت جو ڏينهن | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 کان 1445ھ ۾ رسالو "ڪراماتِ شيرِ خدا" |
| 22 رمضان المبارڪ 1326ھ | يومِ وصال برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينه رمضانُ المبارڪ 1438 ۽ 1439ھ |
| 26 رمضان المبارڪ 1369ھ | يومِ ولادت اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ محمد الياس عطاري قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه | رساله "تعارفِ اميرِ اهلِ سنت" |
| 27 رمضانُ المبارڪ | ليلةُ القدر | ماهوار فيضانِ مدينہ رمضانُ المبارڪ 1438 ۾ ڪتاب "فيضانِ رمضان، صفحو 181" |

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ماهوار فيضانِ مدينہ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائونلوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين کي شيئر بہ ڪريو

# وظائف

## سڄو سال نيڪين جي توفيق

رمضان ڪريم ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي نيڪين جي توفيق ملي وڃي ته سڄو سال اها توفيق (يعني همت) نصيب ٿيندي رهندي ۽ جيڪڏهن هي مبارڪ مهينو بي دليءَ ۽ غفلت سان گذري ويو ته پورو سال انهيءَ حالت ۾ گذرڻ جو خدشو آهي.

(مکتوبات مجدد الف ثانی رحمۃ اللہ علیہ، دفتر اول، مکتوب نمبر 162)



## جيڪو بيمار هجي

يَاحَیُّ 1000 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ) پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم صحت ياب ٿيندو. (شفا ملڻ تائين روزانو پڙهڻو آهي).






## مراد پوري ٿئي

يَارَحْمٰنُ 11 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) فرض يا نفل روزو افطار ڪرڻ وقت، سڄ لهڻ کان ٿورو اڳ پيشانيءَ تي هٿ رکي پڙهي وٺو ۽ وقت ٿيڻ تي افطار ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم دل جي مراد پوري ٿيندي.





## ياد رکڻ جو مدني نسخو

جيڪو ڪنهن ڳالهه کي ياد رکڻ چاهي، اهو هيءَ دعا پڙهي: (ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي) اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مُذَکِّرِ الْخَیْرِوَفَاعِلِهٖ (يعني: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جيڪو ڀلائي ياد ڏياريندڙ ۽ ڀلائي ڪندڙ آهي). اِنْ شَآءَ اللّٰه هن دعا جي برڪت سان اها ڳالهه ياد رهندي.



# شبِ برات: رحمتن ۽ مغفرت جي عظيم رات

## توبه جو در ۽ نيڪين جو ثمر

اها رات جنهن ۾ آسمان تان رحمتن جا ميڙا وسندا آهن، جڏهن گناهگارن جون اکيون اشڪبار هونديون آهن ۽ ربِ ڪائنات جي در تان مغفرت جو اعلان ٿيندو آهي. بيشڪ ان رات سج لهڻ سان ئي الله پاڪ پنهنجي شان جي لائق دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ ارشاد فرمائيندو آهي: آهي ڪو مون کان مغفرت گهرڻ وارو ته مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان، آهي ڪو مون کان رزق گهرڻ وارو ته مان کيس رزق عطا ڪريان، آهي ڪوئي پريشان حال ته مان سندس پريشاني دور فرمايان، آهي ڪو اهڙو، آهي ڪو اهڙو. طلوعِ فجر تائين اِهو اعلان ٿيندو رهندو آهي. هن رات ۾ الله بَني اسرائيل جي ٻڪرين جي وارن کان به وڌيڪ گنهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي، شبِ برات رڳو هڪ رات ناهي، پر پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ ۽ نئين سيري سان زندگيءَ کي اسلامي رنگ ۾ رنگڻ جو هڪ سونهري موقعو آهي. اسان جي زندگين ۾ هن رات جي اهميت صرف جاڳڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي. اچو ته هن مقدس رات ۾ پنهنجي خالق سان سچي دل سان لنوءِ لڳايون،

رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن شعبان جي پندرهين رات اچي ته ان رات قيام (عبادت) ڪريو ۽ ان جي ڏينهن تي روزو رکو.

**اداريو- ماهوار سنڌي ميگزين**

978-969-722-889-8
01130334
فيضانِ مدينه، محلّه سوداگران، پراني سبزي منڈي، باب المدينه (ڪراچي)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net